# حج جون فضيلتون

8/24/2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# حج جون فضيلتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**رحمت عالم** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله** عَزَّوَجَلَّ **ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله** عَزَّوَجَلَّ **ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله** عَزَّوَجَلَّ **انهيءَ جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ انهيءَ کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.**

(مُعْجَم اَوسَط ج۵ ص۲۵۲ حديث۷۳۵ ۲)

میری زباں تر رہے ذِکر و دُرُود سے
بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ چڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 20 ڀيرا پيادل حج جو سفر

**راڪبِ دوشِ مصطفيٰ** (يعني سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ ڪلهن تي سُواري ڪرڻ وارا) سَيِدُالْاَسْخِياء (يعني سخين جا سردار)، سيدنا امام حسن مُجتبيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن هڪ ڀيري فرمايو: "مان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان حيا ڪيان ٿو تہ ان سان ان حال ۾ ملاقات ڪيان جو مان ان جي پاڪ گهر (يعني ڪعبي شريف) تائين ڪڏهن پيادل (On foot) هلي نہ آيس. ان کان پوءِ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ 20 ڀيرا

مدينہ منوره کان مکہ مکرمہ حج جي لاءِ پيادل آيا.

(مستطرف،الباب الاول،الفصل الخامس في الحج وفضله، ۲۴/۱)

امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ڏٺو ويو تہ هک ڀيري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ کان پوءِ مقام ابراهيم تي بہ رکعتون نماز واجبُ الطّواف ادا ڪيون ۽ پوءِ پنهنجو ڳل مبارڪ مقامِ ابراهيم تي رکي تمام گهڻو روئندي هيئن مناجات (دعا) ڪئي: اي منهنجا ربِّ قدير عَزَّوَجَلَّ تنهنجو حقير ٻانهو تنهنجي دروازي تي حاضر آهي، تنهنجو فقير تنهنجي دروازي تي حاضر آهي تنهنجو مسڪين ٻانهو تنهنجي دروازي تي حاضر آهي ۽ انهن ئي لفظن کي هر هر ورجائيندا رهيا ۽ روئيندا رهيا. ان کان پوءِ مسجد الحرام کان ٻاهر تشريف فرما ٿيا تہ ڪن مسڪينن وٽان لنگهيا جيڪي صدقي جي مانين جا ٽڪرا کائي رهيا هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انهن کي سلام ڪيو.

سلام جي جواب کان پوءِ انهن کائڻ جي دعوت ڏني ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بنا حجاب جي انهن جي دستر خوان تي ويهي رهيا ۽ فرمايائون: جيڪڏهن اهي مانين جا ٽڪرا (Pieces) صدقي جا نہ هجن ها تہ مان اوهان سان گڏ کائڻ ۾ ضرور شريڪ ٿيان ها، پوءِ فرمايائون توهان سڀ منهنجي گهر هلو، سيني مسڪنين کي پنهنجي قيام گاهہ تي وٺي آيا ۽ پاڻ انهن کي ڪاڌو کارايو، ڪپڙا پارايا ۽ خادمن کي حڪم ڏنائون تہ انهن کي درهم بہ پيش ڪيا وڃن. (مستطرف،الباب الاول،الفصل الخامس في الحج وفضله، ۲۳/۱ )

حَسَن مُجتبٰی سَیِّدُ الاَسْخِیا
راکِبِ دوشِ عزّت پہ لاکھوں سلام

**مختصر وضاحت**: تمام سخين جي سردار حضرت سَيدُنا امام حسن مجتبٰي رَضِیَ اللّٰہ

www.dawateislami.net

تَعَالٰی عَنْه جي ذاتِ مبارڪ تي لڪين سلام هجن جن حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ڪلهن تي سواري ڪئي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته حضرت سَيدُنا امام حسن مُجتبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه حج جي لاءِ 20 ڀيرا پيادل سفر ڪيو ۽ مڪه مڪرمه ۾ عاجزي ۽ انڪساري جا پيڪر بڻجي بارگاهِ الٰهي ۾ زاروقطار روئندي دعائون به گهريون، معلوم ٿيو جڏهن ڪنهن کي حرمينِ طيبين جي سفر جي سعادت نصيب ٿئي ته مُناسِب به هي آهي ته انتهائي عاجزي ۽انڪساري ۽ احترام سان حاضري جي سعادت ماڻي. حرمينِ طيبين جي سعادَت ڀري سفر جي تَمنّا هر عاشق جي دل ۾ هوندي آهي ۽ هئڻ به گهرجي بعض خُوش نصيبن جون مُرادون پوريون ٿينديون آهن ۽ هو بَيتُ الله شريف جي زِيارت ۽ مَناسڪ حَج جي اَدائيگي جي پُرڪيف بهارن مان مُستَفِيض ٿيندا آهن ۽ ڪي عاشقانِ رسول هر وقت حرمين شريفين جي حاضري جي لاءِ بي چين رهندا آهن، انهن جي دِلي تمنّا هوندي آهي ته بس ڪهڙي نموني ان مقدَّس سفر جي سعادت نصيب ٿي وڃي.

اسان کي به گهرجي ته اسان پنهنجي دل ۾ عشقِ مُصطَفٰي جي شمع روشن رکون، حج ۽ زيارتِ مدينه منوره جي شوق (Desire) کي دل ۾ آباد رکون ۽ سرڪارِ مڪه مڪرمه ،سردارِ مدينه منوَّره صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نظرِ ڪرم جي اُميد لڳايون ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن نه ڪڏهن اسان گناهگارن تي به نظرِ عنايت ٿيندي ۽ هڪ ڏينهن اسان به حرمين شريفين ڏانهن روانا ٿينداسين.

بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے    بُلاوا اب آئیگا کب یاالٰہی
میں مکّے میں آؤں مدینے میں آؤں    بنا کوئی ایسا سبب یاالٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!    صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**ياد رکو!** ڪعبہ مُعظّمہ ۽ گنبدِ خضرا جي زِيارت جي لاءِ وڃڻ، حَج هجي يا عُمرو، الغرض ڪنهن بہ سٺي نِيت سان سُوءِ حَرَم قدم وڌائڻ يقيناً اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي نهايت وڏي نعمت ۽ وڏي نصيب جي ڳالهہ آهي، هي اهڙو مبارڪ سفر آهي جو جنهن ۾ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي خاص رحمتن جو نزول ٿيندو آهي، قدم قدم تي نيڪين جي سعادت ملندي آهي، جڏهن هي خوش نصيب مسافر پنهنجي منزلِ مقصود تي پهچندو آهي تہ ڄڻ ان جي مُقدَّر جو ستارو پنهنجي عُروج (بلندي) تي هوندو آهي. **ڪاش!** انهن مبارڪ گهڙين ۾ انهن مقدَّس جڳهن تي ئي ساهہ نڪري وڃي ۽ اتي ئي مدفن نصيب ٿي وڃي ان ڪان وڌيڪ هڪ عاشق جي لاءِ ٻيو ڪهڙو اِنعام ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن واپس اچڻو ئي پوي تہ زهي نصيب ٻيهر وڃڻ جو تصور ڪري تہ هي بہ عاشقانِ رسول جي ذوق جي تسڪين جو سبب ٿيندو آهي. مطلب تہ! هن مبارڪ سفر (Journey) جا گهڻا فائدا آهن. اچو! هن باري ۾ 3 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پڙهون ٿا.

1. ارشاد فرمايائون: هي گهر (يعني بيتُ اللّٰہ) اسلام جي ٿنڀن مان هڪ ٿنڀو آهي، تہ جنهن بيتُ اللّٰہ جو حج ڪيو يا عُمرو ڪيو تہ هو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي ذِمّہ ڪرم تي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن هو مري ويو تہ اللّٰہ تعاليٰ ان ڪي جنَّت ۾ داخل فرمائيندو ۽ جيڪڏهن هو (سلامتي سان) پنهنجي گهر ڏانهن موٽي آيو تہ اجر ۽ غنيمت سان موٽندو. (معجم اوسط،من اسمه مقدام، ۳۵۲/۶ ،حديث: ۹۰۳۳)

www.dawateislami.net

2. ارشاد فرمايائون: جيڪو حاجي، غازي يا عُمرو ڪرڻ وارو تي نڪتو پوءِ واٽ ۾ ئي فوت ٿي ويو، ته الله تعاليٰ ان جي لاءِ به قيامت تائين غازي، حاجي ۽ عُمرو ڪرڻ واري جو ثواب لکندو آهي. (شعب الايمان، باب في المناسك، فضل الحج والعمرة، ۴۷۴/۳، حديث : ۴۱۰۰)

3. ارشاد فرمايائون: جيڪو هن راهه ۾ حج يا عمري جي لاءِ نڪتو ۽ مري ويو ان جي پيشي نه ٿيندي، نه ئي حساب ٿيندو ۽ ان کي چيو ويندو ته "**جنّت** ۾ داخل ٿي وڃ". (معجم اوسط، من اسمه محمد،باب الميم، ۱۱۱/۴، حديث: ۵۳۸۸)

طیبہ میں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند　　سیدھی سڑک یہ شہرِ شَفاعت نگر کی ہے
زِندہ رہیں تو حاضریِ بارگہ نصیب　　مر جائیں تو حیاتِ اَبد عیش گھر کی ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حج جون فضيلتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حج اَرڪان اِسلام مان هڪ بُنيادي رُڪن ۽ اَهم عِبادت آهي، الله عَزَّوَجَلَّ صاحبِ استطاعت (حيثيت وارن) ماڻهن تي ان کي فرض ڪيو آهي، جيڪو فرض ٿيڻ باوجود ان جي ادائيگي ۾ ڪوتاهي (Negligence) ڪري سخت گنهگار ۽ جهنّم جو حقدار آهي، اللهعَزَّوَجَلَّ سيپارو 4 سُوره اٰلِ عمران آيت نمبر 97 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۷﴾ (پ۴،اٰلِ عمران:۹۷)

ترجَموڪنز الايمان : ۽ الله جي لاءِ اُنهن ماڻهن تي اُن گهر جو حج ڪرڻ آهي جيڪو اُنهيءَ تائين وڃِي سگهي، ۽ جنهن انڪار ڪيو پوءِ الله ساري جهان کان بي پرواهه آهي .

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هر سال لکين مُسَلمان هن فَرِيضي جي ادائيگيءَ جي لاءِ هڪ جهڙو لباس پائي حَرَم جي زمين تي گڏ ٿيندا آهن، اها گهڙي حاجين جي لاءِ ڪنهن عظيم نعمت کان گهٽ ناهي هوندي، ڇوته بارگاهِ الٰهي مان انهن خُوش نصيبن تي خُصُوصي ڪرم نوازيون ٿينديون آهن ۽ انهن کي حج جي بدلي ۾ اهڙن عظيمُ الشّان انعامن سان نوازيو ويندو آهي جو جنهن جي باري ۾ ٻڌڻ کان پوءِ مُسلمانن جي دلين ۾ به ان مُقَدّس مقام جي زِيارت جو اَرمان وڌيڪ بيدار ٿيڻ لڳندو آهي. اچو! هاڻي حج جي فضيلتن ۽ حاجين کي ملڻ وارن اِنعامن جي باري ۾ 4 فَرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا، ته جيئن اسان جي اندر به حج جي سَعَادت ماڻڻ جو جذبو وڌيڪ اُجاگر ٿئي:

1. ارشاد فرمايائون: حاجي پنهنجي گهروارن مان چار سؤ جي شفاعت ڪندو ۽ گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن ان ڏينهن جڏهن ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو. (كنزالعمال، كتاب الحج والعمرة، الفصل الاول في فضائل الحج، الجزء۵، ۷/۳، حديث:۱۱۸۳۷)

2. ارشاد فرمايائون: حج ڪندا رهو، ڇوته حج گُناهن کي اهڙي طرح ڌوئي ڇڏيندو آهي، جيئن پاڻي مير کي ڌوئيندو آهي. (معجم اوسط ، من اسمه القاسم، ۴۱۶/۳،رقم:۴۹۹۷)

3. ارشاد فرمايائون: جڏهن توهان ڪنهن حاجي کان مُلاقات ڪيو ته ان کي سلَام ۽ مُصَافُحو ڪيو ۽ ان کي چئو ته اهو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان توهان جي لاءِ مَغفِرت جي دعا ڪري، ڇوته ان جي مَغفِرت ٿي چڪي آهي. (مشكاةالمصابيح،كتاب المناسك،الفصل الثالث، ۴۷۲/۱، حديث:۲۵۳۸)

4. ارشاد فرمايائون: جيڪو حج جي اِرادي سان نڪتو، پوءِ مري ويو ته الله عَزَّوَجَلَّ قِيامَت تائين ان جي لاءِ حج ڪرڻ واري جو ثواب لکي ڇڏيندو ۽ جيڪو عُمري جي اِرادي سان نڪتو، پوءِ مري ويو ته ان جي لاءِ قِيامَت تائين عُمرو ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو. (مسند ابي يعلٰي ، مسند ابي هريرة ، ۴۴۱/۵، حديث: ۶۳۲۷)

www.dawateislami.net

حضورِ کعبہ حاضر ہیں حرم کی خاک پر سر ہے
بڑی سرکار میں پہنچے مقدَّر یاوَری پر ہے
نہ ہم آنے کے لائق تھے نہ قابل مُنہ دکھانے کے
مگر ان کا کرم ذرہ نواز و بندہ پَرْوَر ہے
خبر کیا ہے بھکاری کیا کیا نعمتیں پائیں
یہ اُونچا گھر ہے اس کی بھیک اندازہ سے باہر ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته! الله تعاليٰ حاجين تي ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرم نوازيون ڪندو آهي جو انهن جي سمورن گناهن کي معاف ڪندو آهي، انهن کي مغفرت جو پروانو عطا فرمائيندو آهي ۽ حاجي جي دعا جي برڪت سان ماڻهن جي بخشش ۽ مغفرت جي قوي اُميد هوندي آهي ۽ جيڪو حج جي اِرادي سان نڪتو ۽ واٽ ۾ مري وڃي ته ان جي لاءِ قيامت تائين حج جو ثواب به لکيو ويندو آهي. ياد رکو! مَڪہ مُڪرَّمہ ۽ مدينہ مُنوَّره جي حاضري اهڙو اَنمول موقعو آهي جو هي نصيب وارن کي ئي ملندو آهي، ڪيترا ئي مالدار ماڻهو ڏينهن رات لنڊن ۽پيرس جا خواب ڏسندا آهن ۽ ڪجهه ته انهن ملڪن جي سيرو سياحت سان لُطف اندوز به ٿيندا آهن پر استطاعت (Ability) جي باوجود حج جهڙي اَهم فريضي ۽ روضہ رسول جي حاضري جي سعادت کان محروم رهن ٿا پر ڪيئي مڪي ۽ مديني جاعاشق انتهائي غريب هئڻ جي باوجود سچي تڙپ ۽ اخلاص واستقامت سان دعائون ڪن ٿا ته الله عَزَّوَجَلَّ انهن جون دعائون قبول فرمائي انهن کي حج ۽ زيارتِ مدينہ جي حاضري جو شرف عطا فرمائي ٿو.

www.dawateislami.net

دعا جو نکلی تھی دل سے آخر پلٹ کے مقبول ہو کے آئی
وہ جذبہ جس میں تڑپ تھی سچی وہ جذبہ آخر کو کام آیا

جنهن خوش نصيب کي اها سعادت نصيب ٿئي هو پنهنجي خُوش بَختي تي الله عَزَّ وَجَلَّ جو شڪر ادا ڪري ۽ ان سفر جي دوران الله عَزَّ وَجَلَّ جي رحمت تي نظر رکندي پنهنجي گُناهن کي ياد ڪري ۽ ان مُبارڪ سفر کي دُنيا جي ٻين سفرن وانگر رڳو سير ۽ تفريح (Entertainment) سمجهي ان جي مُبارڪ گهڙين کي فُضوليات ۾ برباد نہ ڪري ۽ حُدودِ حرم ۾ پهچي هر وقت عبادت وتلاوت ۽ نيڪ عملن جي ڪثرت ۾ پنهنجو وقت گذاري ڇوتہ مڪ مڪرمہ ۾ هڪ نيڪي جو ثواب هڪ **لک نيڪين جي** برابر ملندو آهي، جيئن

حضرت سيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان منقول آهي تہ ”مڪ مڪرمہ ۾ هڪ ڏينهن جو روزو هڪ **لک روزن** جي برابر آهي. هڪ درهم صدقو ڪرڻ هڪ **لک درهم** جي برابر آهي. اهڙي طرح هر نيڪي هڪ **لک نيڪين** جي برابر آهي.“ (احياء العلوم، ۷۳۴/۱،ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ مڪ مڪرمہ جي هڪ نيڪي هڪ لک نيڪين جي برابر آهي يقيناً اها ڳالهہ خوشي لائق آهي پر اهو بہ ذهن نشين رکو تہ اتي جو هڪ گناهہ بہ هڪ لک گناهن جي برابر آهي، تنهنڪري جنهن خوش نصيب کي مقاماتِ مقدسہ جي حاضري جي سعادت نصيب ٿئي تہ ان کي احتياط، احتياط ۽ سخت احتياط جي ضرورت آهي تہ جاڻ اڻڄاڻ ۾ ڪو گناهہ سرزد نہ ٿئي. افسوس صد افسوس! بعض نادان هنن مُقدس مقامات (Places) جي آداب کي هڪ پاسي رکندي بِلا تڪلُّف گناهن جو اِرتڪاب ڪندي نظر

www.dawateislami.net

ايندا آهن ۽ بدنِگاهي، كوڙ، غيبت، چغلي، وعده خِلافي، بِلا وجه شَرعي مسلمان جي دِل آزاري وغيره گناهن کان پاسو نٿا ڪن، هاءِ! حَرَمِ پاڪ ۾ جيڪڏهن صِرف هڪ ڀيرو ڪوڙ ڳالهايو، بغير اجازتِ شَرعي ڪنهن هڪ فرد جي دِل آزاري ڪئي، هڪ ڀيرو غيبت يا چُغلي جو اِرتڪاب ڪيو ته ڪنهن بي هنڌ تي چڙهي هڪ هڪ لک ڀيرا هي گناهه صادِر ٿيا اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ. خدارا! هوش ۾ اچو ۽ حج دوران خوب نيڪيون ڪري پنهنجي حج جي قبوليت جي لاءِ دعائون گهرو ۽ فضول ڪمن کان بچڻ جي ڀرپور مَشق ۽ ڪوشش ڪريو. بعض افراد جنهن کي هروقت موبائل فون استعمال (Use) ڪرڻ جو مرض چنبڙيل هوندو آهي، اهي اتي به ان جي استعمال کان پاسو نٿا ڪن ۽ سوشل ميڊيا (Social Media) جي ذريعي پنهنجي چاهڻ وارن کي پل پل جي احوال کان باخبر رکن ٿا.

## حج و عمروءِ سيلفي

شيخ طريقت، اَمِيرِاَهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّارقادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”سيلفي جا 30 عبرت ناڪ واقعا“ صفحي 17 تي فرمائن ٿا: حج ۽ عمري جي سفر دوران به سيلفي (Selfie) جا شوقين پنهنجو شوق پورو ڪندي نظر ايندا آهن، انهن کي جتي ڪو منظر وڻندو آهي هڪدم سيلفي ڻاهيندا ۽ سوشل ميڊيا (Social Media) جي ذريعي ان جي تشهير ڪندا آهن. حجرِ اَسوَد کي چمي ڏيڻ مهل، سَعي ۽ طواف جي دوران به سيلفي بڻائي ويندي آهي، جنهن سان طواف ۽ سعي ڪرڻ وارن جي رَواني ۾ فرق ايندو آهي، ماڻهو هڪ ٻي تي ڪرندا آهن يا وري ٽڪرائجي ويندا آهن جنهن سان انهن کي پريشاني ٿيندي آهي، خود سيلفي بڻائڻ وارن جو ذوقِ عبادت متاثّر ٿيندو آهي، سنهري جارين وٽ

مُوَاجَهہ شريف جي سامهون حاضري جي وقت بہ سيلفي ٺاھڻ وارا نظر ايندا آھن، ھن مقصد جي لاءِ کي بنا خوف جي پنھنجي پُٺي مُوَاجَهہ شريف ڏانھن کندا آھن، اي ڪاش! اسان جو ھي ذھن ٺھجي وڃي تہ سفرِ حَرَمَينِ طيبَين سيلفي ٺاھڻ جي لاءِ نہ ،ثواب ڪمائڻ جي لاءِ ھوندو آھي .

حرم کی زمیں اور قدم رکھ کے چلنا

ارے سر کا موقع ہے اَو جانے والے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!جن خُوش نصيبن کي حج ۽عمري جي سعادت حاصل ٿئي،اُنھن کي گھرجي تہ مقدس مقامات تي حاضري جي آداب جو لحاظ رکن، فضول گفتگو ۽بغير ضرورت موبائل فون جي استعمال کان بچندي ھر وقت ذِڪرُالله، تلاوتِ قرآنِ ڪريم، دُرود وسلام،تسبيح ۽ تھليل جو وِرد جاري رکن،ان سان گڏوگڏ بزرگانِ دِين جي حج تي وڃڻ جا واقعا،سفر دوران۽ مُقدَّس ھنڌن تي حاضري مھل انھن جي معمولات کي پيشِ نظر رکون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان حج جو ذوق ۽ شوق وڌي ويندو، اچو! سفرِ حج بابت بُزرگانِ دين جا واقعا ٻڌون ٿا، جيئن

## بھترين ھم سفر

ھڪ شخص حضرت سيّدنا حاتِم اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي عرض ڪيو تہ مون کي حج جو سفر ڪرڻو آھي. ڪو اھڙو ھمسفر ٻڌايو جنھن جي سٺي صحبت جو فيض حاصل ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾حاضر ٿي سگھان. فرمايائون اي ڀاءُ!جيڪڏھن توھان ھم نشين چاھيو ٿا تہ قرآن پاڪ جي تلاوت جي ھم نشيني

www.dawateislami.net

(يعني صحبت) اختيار ڪريو ۽ جيڪڏهن ساٿي چاهيو ٿا تہ فرشتن ڪي پنهنجو ساٿي بڻايو ۽ جيڪڏهن دوست درڪار هجي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي دوستن جي دلين جو مالڪ آهي ۽ جيڪڏهن توشو (سفر جو سامان خرچ وغيره) چاهيو ٿا تہ اللّٰه تعاليٰ تي يقين سيني کان بهترين توشو آهي ۽ ڪعبة اللّٰه کي پنهنجي سامهوڻ تصور ڪري خوشيءَ سان ان جو طواف ڪريو. ( آنسوؤں کا دریا، ص ١٧٠)

## شيخ شبلي رَحمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جو حج

حضرت سيّدنا شيخ شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه جڏهن حج جي لاءِ عرفات شريف پهتا تہ بلڪل چُپ رهيا سج لهڻ تائين واتان ڪو بہ لفظ نہ ڪڍيو، سعي دوران مِيلينِ اَخضَرَين کان اڳتي وڌيا تہ اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، روئندي هي شعر پڙهيا: مان ان حال ۾ هلي رهيو آهيان جو پنهنجي دل تي تنهنجي محبت جي مهر لڳائي آهي تہ جيئن ان دل تي توڪان سواءِ ڪنهن جو بہ گذر نہ ٿئي. اي ڪاش! مون ۾ ايتري طاقت هجي ها جو مان پنهنجون اکيون بند رکان ها ۽ ان وقت تائين ڪنهن کي بہ نہ ڏسان ها جيستائين توکي نہ ڏسان ها، جڏهن اکين مان ڳوڙها وهي ڳلن تان وهڻ شروع ٿيندا آهن تہ ظاهر ٿي ويندو آهي تہ ڪو واقعي روئي رهيو آهي ۽ ڪنهن جو روئڻ ڏيکاءُ آهي. (رَوضُ الرَّياحين،الحکاية التاسعة والخمسون، ص ١٠٠ ملتقطاً)

## مان ڇو نہ روئان؟

منقول آهي تہ حضرت سيدنا ابو جعفر محمد بن علي بن حسين علي بن ابي طالب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه حج جي لاءِ (پنهنجي گهران) نڪتا، جڏهن پاڻ مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا تہ بيت اللّٰه شريف کي ڏسي روئڻ لڳا ايتري تائين جو سندن روئڻ جو آواز بلند ٿي ويو. عرض ڪيو ويو: سيني ماڻهن جون نظرون اوهان ڏانهن آهن، ايترو زور سان نہ روئو. ارشاد فرمايائون: ڇو نہ روئان شايد اللّٰه تعاليٰ منهنجي روئڻ جي ڪري مون تي رحمت جي نظر فرمائي ۽ مان

www.dawateislami.net

قيامت جي ڏينهن ان جي بارگاھ ۾ ڪامياب ٿي وڃان، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه طواف ڪيو ۽ ”مقام ابراهيم“ وٽ نماز پڙهي ۽ جڏهن سجدي مان مٿو مٿي ڪنيائون ته اها جڳهه ڳوڙهن سان آلي هئي. (رَوضُ الرَّياحين،الحكاية الثانية والسبعون، ص۱۱۳)

## اعليٰ حضرت جو حج جو سفر:

اعليٰ حضرت کي بَيتُ الله شريف ۽ حَرَمَين شَرِيفَين سان عِشق هو، انهن جو اهو واقعو به وڏو عشق وارو آهي، ٻي حج جي موقعي تي جڏهن پاڻ مَڪه مُعَظَّمَه ۾ هئا، شديد بُخار ۾ مبتلا ٿيا، هڪ تُرڪ ڊاڪٽر رمضان آفندي تمام گهڻ مِقدار ۾لوڻ ڏنو ۽ چيائين ته آبِ زمزم ۾ ملائي پي وٺو، اعليٰ حضرت هي ٻڌي خوش ٿيا، فرمائن ٿا: ڊاڪٽر صاحب دوا اها ٻڌائي جيڪا مون کي بالطبع محبوب ۽ مرغوب (طبيعت جي لحاظ کان پياري ۽ پسند) آهي، يعني زمزم شريف. منهنجي عادت آهي ته باسي پاڻي نه پيئندو آهيان ۽ جيڪڏهن پيئان ته هڪدم زُڪام ٿيندو آهي، پر زمزم جي برڪت ڏسو ته صحت ۾، مرض ۾، ڏينهن ۾، رات ۾، تازو، رکيل ڪثرت سان پاڻي پيتو، بخار جي شدّت ۾ رات جو جڏهن اک کلندي هئي، ڳرڙي ڪري زمزم پيئندو هئس، وضو کان پهريان، وضو کان پوءِ پيئندو هئس، پوڻا ٽي مهينا مَڪه مُعَظَّمَه ۾ قِيام دوران مون حساب لڳايو ته تقريباً 4 مڻ آبِ زمزم مون پيتو هوندو. (انوارِ رضا،ص382)

يہ زمزم اِس ليے ہے جس ليے اس کو پيے کوئی
اِسی زمزم ميں جنّت ہے اِسی زمزم ميں کوثر ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته اسان جا بُزرگانِ دين جڏهن سَفرِ حج تي

www.dawateislami.net

روانا ٿيندا هئا تہ هر وَقت ذِڪرُ الله ۾ تلاوتِ قرآن ۾ مشغول رهندا هئا ۽ خوفِ خُدا جي ڪري ڳوڙها وهائيندا هئا ۽ اتان آبِ زم زم جي برڪتن سان خوب لطف اندوز ٿيندا هئا، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن بہ حج جي سعادت نصيب ٿئي تہ اهڙين حرڪتن کان پرهيز (Avoid) ڪريون جو جنهن سان پاڻ پنهنجي حج سان گڏ ٻين جي ذوق و شَوق ۾ خلل پيدا ٿئي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "يومِ تعطيل اعتڪاف"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جتي تحريري ڪم جي ذريعي مُسلمانن کي گناهن کان بچائڻ ۽ انهن کي نيڪي جي ڪمن ۾ لڳائڻ جو ذمو کنيو آهي، اتي 12 مدني ڪمن جي ذريعي بہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي. 12مدني ڪمن مان هفتي وارو هڪ مدني ڪم"**يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف**" بہ آهي. هن مدني ڪم جي ذريعي شهر جا اهي علائقا يا آسپاس (ڳوٺ، وغيره) جتي اجا مدني ڪم شروع ڪرڻو آهي يا مدني ڪم کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي، نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ وارا مبلغ تيار ڪرڻا آهن، وِيران مسجدن کي آباد ڪرڻ آهي، هن مدني ڪم جي ذريعي انهن مقصدن کي پايہء تڪميل تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. "يومِ تعطيل اعتڪاف" جي جدول ۾، هفتي ۾ موڪل جي ڏينهن، جمعہ تا عصر يا عصر تا مغرب مقامي ماڻهن کي سُنّتون ۽ آداب سکائڻ، روزمرّه جون دُعائون ياد ڪرائڻ، نماز جي بُنيادي مسئلن کان آگاهي وغيره شامل آهي. مقامي ذميدارن سان گڏ جامعة المدينہ جا شاگرد بہ "**يومِ تعطيل اعتڪاف**" وارو مدني ڪم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن ٿا.

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ يومِ تعطيل اِعتِڪاف جو سڄو جدول مسجد ۾ ئي ٿيندو آهي، جنهن جي برڪت سان مسجدون بہ آباد رهن ٿيون. حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدرِي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ هو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي اِيمان جي گواهي ڏيو ڇوتہ اللهعَزَّوَجَلَّارشاد فرمائي ٿو:

إِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ

(پ ١٠ ،التوبه :١٨)

**ترجموڪنز الايمان:** اللّٰه جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهِن جيڪِي اللّٰه ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن ۽ نماز قائم ڪندا آهِن ۽ زڪوات ڏيندا آهِن

(ترمذي ، ڪتاب الايمان ، با ب ماجا ء في حرمة الصلوة ،٢٨٠/٤،رقم: ٢٦٢٦)

حضرت سَيدُنا ابُوسَعِيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ رحمت عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو مسجد سان مَحَبَّت ڪري ٿو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجو مَحبوب بڻائيندو آهي.

(مجمع الزوائد ،ڪتا ب الصلوة ،با ب لزوم المساجد ،رقم:٢٠٣١ ،٢/ ١٣٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي مسجد ڀريو تحريڪ ۾ شامل ٿيون تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي مدني ماحول مسجدون آباد ڪرڻ، ماڻهن کي نمازي بڻائڻ، گناهن کان بچائڻ ۽ انهن کي صلوٰة وسُنَّت جي راهِ تي هلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، هن مدني ماحول جي برڪت سان اڄ تائين ڪيئي بگڙيل ماڻهن جي اصلاح ٿي ۽ انهن جي زندگين ۾ حقيقي مدني انقلاب برپا ٿيو آهي. اچو! ترغيب، طور فلمن، ڊرامن کان توبہ ڪرڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي زندگي ۾ برپا ٿيندڙ مدني اِنقلاب جي هڪ ايمان افروز مدني بهار مُلاحَظہ ڪريو،

www.dawateislami.net

## فلمن جي شوقين جي توبہ

قصور (پنجاب ،پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ گهڻن نوجوانن وانگر مان بہ ڪيئي اخلاقي برائين ۾ مبتلا هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وقت برباد ڪرڻ منهنجو محبوب مشغلو هو. هڪ ڀيري رمضان المبارڪ تشريف فرما ٿيو تہ مون گناهگار کي بہ نمازن جي لاءِ مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملڻ لڳي. اتي دعوتِ اسلامي جو هڪ ذمہ دار اسلامي ڀاءُ فيضانِ سنت مان درس ڏيندو هو. درس کان پوءِ هو وڏي مِلنساري سان ملاقات ڪندو هو، انهن جو حُسنِ اخلاق ڏسي مان گهڻو متاثر ٿيس.

خاص ڪري انهن جو ”مٺا مٺا اسلامي ڀائرو“ چوڻ ڪافي دير تائين منهنجي ڪنن کي مزو ڏيندو هو. هڪ ڏينهن منهنجي ان سان ملاقات ٿي تہ هو وڏي پُرتپاڪ انداز ۾ مليو ۽ جمعرات جو ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون شرڪت جي نيت ڪري ورتي. جمعرات اچڻ کان ڦهريان ئي مون کي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي بيان جي ڪيسٽ بنام”پُل صراط جي دهشت“ ڪٿان کان ملي، مون وڏي توجهہ سان بيان ٻڌڻ شروع ڪيو. ”پل صراط“ جو نالو تہ مون ڦهريان کان ٻڌي رکيو هو پر پُل صراط پار ڪرڻ جو مرحلو ايترو دهشتناڪ آهي، ان جي خبر مون کي هي بيان ٻڌي پئي. جڏهن مون پنهنجي گناهن، ۽ ڪمزور بدن ڏانهن نگاهہ ڪئي تہ منهنجي اکين مان لڙڪ نڪري آيا تہ آئون پُل صراط ڪيئن پار ڪري سگهندس پوءِ مون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين کان توبہ ڪري سُڌرڻ جو پختو ارادو ڪري ورتو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀري مَدَني ماحول جي برڪت سان سنت جي مطابق ڏاڙهي شريف، عمامه ۽ سفيد لباس منهنجي بدن جو حصو بڻجي چڪو آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس حج و عمره

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان نهايت خوش نصيب آهيون جو الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دعوتِ اِسلامي جو مدَني ماحول عطا فرمايو، الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضَل و ڪرم سان دعوتِ اِسلامي تبليغِ دين جي هڪ سو کان وڌيڪ شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي، انهن شُعبن مان هڪ شُعبَو ”مجلسِ حج وعُمره“ به آهي جيڪا حج و عُمره جي لاءِ ويڄڻ وارن اِسلامي ڀائرن ۽ اِسلامي ڀينرن جي باقاعده تَربِيت ڪرڻ، انهن کي بارگاهِ خُداوَندي ۽ بارگاهِ مُصطَفوِي جا آداب ۽ ضروري مسئلا سيکارڻ جي لاءِ قائم ڪئي وئي آهي. هن مجلس ۾ شامل تَربِيت يافته مُبَلِّغ اِسلامي ڀائر هر سال حج جي مَوسمِ بهار ۾ حاجي ڪيمپن ۾ وڃي حاجين جي تَربِيَت ڪندا آهن جڏهن ته مُبَلِّغات اِسلامي ڀينرون حاجياڻين جون تَربِيت ڪنديون آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مجلس جي تَحت حج وزيارتِ مدينه جي لاءِ مڪي مديني وڃڻ وارن کي اميرِ اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جا تحرير ڪيل ڪتاب ”رَفِيقُ الْحَرَمَيْن“ ۽ ”رَفِيقُ الْمُعْتَمِرِين“ به تحفي طور پيش ڪيا ويندا آهن ته جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا مهمان ۽ حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق هن عِبادت کي اَحسَن طريقي سان ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه نيڪين جا پاڻ بہ حريص آهن ۽ اُمّتِ مسلمہ کي بہ نيڪين جي ترغيب ڏياريندا رهندا آهن، پاڻ "براءِ حج ۽ سفرِ مدينه" 19 مدني انعامات سوالن جي صورت ۾ عطا ڪيا آهن. انهن مدني انعامن کي اپنائڻ وارن کي پاڻ جيڪا دُعا ڏني آهي اها بہ ٻڌي ونو:

"ياربَّ المُصطفٰي! جيڪو بہ عمري شريف جي سفر ۾ انهن مدني انعامات جي مطابق پنهنجو وقت گذاري، اُن کي مرڻ وقت محبوبن ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جلوو ڏيکار". اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت جو ذوق وشوق برقرار رکڻ جي لاءِ حاجي هجي يا غير حاجي سيني جي لاءِ ڪجهہ مفيد مدني گل آهن. اچو! ڌيان سان ٻڌي انهن کي پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا،

## پهريون طريقو

الله عَزَّوَجَلَّ جي احڪامن کي ذوق و شوق سان ادا ڪرڻ، ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي عمل ڪرڻ، نماز ۽ ٻي عبادات جي في الفور ادائيگي ڪرڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت جو ذهن ٺاهيو جو جڏهن هي ذهن (Mind) ٺهجي ويندو تہ اسان کي هر هر معاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول جي فرمانبرداري ڪرڻي آهي تہ حج هجي يا نماز، روزو هجي يا زڪوٰة ڪنهن بہ معاملي ۾ شرعي احڪامن جي خلاف ورزي نہ ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ.

## ٻيو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت جو شوق برقرار رکڻ جي لاءِ اطاعتِ الٰهي سان گڏوگڏ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي به پختو يقين رکو، بالخصوص انهن ٻن فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هميشه ذهن نشين ڪري ونو. (1) حاجي پنهنجي گهر وارن مان 400 (مُسلمانن) جي شفاعت ڪندو ۽ گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن ان ڏينهن جو ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو.
(کنزالعمال،کتاب الحج والعمرة،الفصل الاول في فضائل الحج،الجزء:۳،۵/۷،حديث: ۱۱۸۳۷)

(2) حج ڪريو ڇاڪاڻ ته حج گناهن کي اهڙي طرح ڌوئي ٿو جيئن پاڻي ميل کي ڌوئيندو آهي. (معجم اوسط ، من اسمه القاسم، ۳ / ۴۱۶،حديث:۴۹۹۷)

ته جڏهن حاجي کي هن ڳالهه جو يقين هوندو ته حج جي برڪت سان منهنجا سمورا گناهه معاف ڪيا ويا ۽ منهنجي اعمال نامي مان گناهن جي سياهي ڌوپجي چڪي آهي ته هاڻي عبادت ڏانهن ان جو شوق ۽ ميلان پيدا ٿيندو ۽ ان جي دل گناهن کان نفرت ڪرڻ لڳندي ۽ نيڪ عملن ڏانهن راغب ٿي ويندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٽيون طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت جو ذوق وشوق باقي رکڻ جي لاءِ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ به بيحد مُفيد آهي. جيڪڏهن اسان اهڙن نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ رهنداسين جيڪي هر وقت عبادت وتلاوت، ذڪرو درود جي ڪثرت، نيڪ اجتماعات ۾ شرڪت ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ رغبت رکندا هجن ته انهن کي ڏسي اسان جي اندر به عبادت جو شوق ۽ انهن ڪمن کي ادا ڪرڻ

www.dawateislami.net

جو ذوق بيدار ٿيندو ۽ اسان بہ نيڪيون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين. پر سوال هي آهي تہ چڱي ماحول جي سڃاڻپ ڪيئن ٿئي؟

ياد رکو تہ بهترين مُعاشَري ۽هڪ سني ماحول جي سڃاڻپ هي آهي تہ جنهن جو بُنياد خوفِ خُدا، تقويٰ ۽ نيڪي ۽ پرهيزگاري تي قائم هجي، جنهن ۾ ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ هڪ ٻي سان مَحَبَّت ڪن ۽ هڪ ٻي جي حقن جو خيال رکندا هجن. ان ماحول سان تعلُّق رکڻ وارا ماڻهو اعليٰ سيرت ۽ ڪردار جا مالڪ هجن جو جيڪڏهن ڪو انهن جي صُحبَت اختيار ڪري تہ هو بہ انهن جي رنگ ۾ رنگجي وڃي. حديث شريف ۾ اسان کي سني دوست جي سڃاڻپ اها ٻڌائي وئي آهي جو سنو همنشين اهو آهي جو ان کي ڏسڻ سان توهان کي خدا ياد اچي، ان جي گفتگو (Conversation) سان توهان جي عمل ۾ زيادتي ٿئي ۽ ان جو عمل توهان کي آخرت جي ياد ڏياري.

(جامع صغير،حرف الخاء، ص۲۴۷،حديث:۴۰۶۳)

لهٰذا بالخصوص حاجين ۽ بالعموم اسان سڀني کي گهرجي تہ اسان پنهنجي دُنيا ۽ آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ دُنيا جي ضَروري ڪمن مان فَراغت کان پوءِ خَلوَت يعني اڪيلائي اختيار ڪريون يا صِرف اهڙن سنجيده ۽ سنّتن جي پابند اسلامي ڀائرن جي صُحبت ۾ ويهون جو جن جون ڳالهيون خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي ۾ اضافي جو سبب بڻجن، جيڪي وقتاً فوقتاً ظاهري بُرائين ۽ باطِني بيمارين جي نشاندهي ۽ انهن جي علاج جوبندو بست ڪندا رهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙن نيڪ ٻانهن جي خدمت ۾ حاضِري جي سعادت ڪڏهن تہ بخشش جو سبب بڻجي ويندي آهي، حضرت سيدُنا يزيد بن هارون رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ مون حضرت سيدُنا محمدبن يزيد واسِطي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي:الله عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڪهڙو مُعامَلو فرمايو؟ پاڻ ارشاد فرمايائون:

www.dawateislami.net

مون کي بخشيو ويو. مون چيو: ڪهڙي سبب؟ فرمايائون: هڪ ڀيري جُمُعي جي ڏينهن بعد نمازِ عصر حضرت سيدُنا ابُو عَمرو بَصري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه اسان وٽ آيا، انهن دُعا گهري تہ اسان آمين چئي، پوءِ جڏهن اسان انهن کان جدا ٿياسين تہ اسان جي مغفرت ڪئي وئي. (شَرۡحُ الصُّدُور ص٢٨٢)

مجھے بے حساب بخش دے میرے مولیٰ
تجھے واسِطہ نیک بندوں کا یا ربّ (غيبت کي تباه کاريان،ص٢٥٨)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ موجُوده دَور ۾ تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان جي لاءِ هڪ عظيم نعمت آهي. اها ڳالهه ڪنهن کان لڪيل نہ ناهي تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان سڌي راهہ کان ڀٽڪيل بيشمُار ماڻهو خوفِ خُدا ۽ عشقِ مُصطفٰي جا پيڪر بڻجي ويا. دعوتِ اسلامي مُعاشري جي اِصلاح، نوجوانن جي علمي، عَمَلي ۽ اَخلاقي تَرۡبِيت (Tranning) جي لاءِ جيڪي قدم کنيا آهن اهي روزِ روشن جيان واضح آهن. توهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي عاشقانِ رسول جي صحبت جون برڪتون حاصل ڪريو ۽ عمل جو جذبو وڌايو.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چوٿون طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ عملن جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ روزانو پنهنجو هڪ هدف ٺاهيو تہ مان سڄي ڏينهن ۾پنج وقتہ نمازِباجماعت جي ادائيگي سان گڏ ايتري تعداد ۾ نفل عبادات جي بہ پوري ڪوشش ڪندس تہ اهڙي طرح ڪرڻ سان نيڪ عملن جي رغبت باقي رهندي . اسان جا بُزرگانِ دِين بہ روزانو نيڪ عمل ڪرڻ جو هڪ هدف ٺاهيندا هئا ۽ پوءِ ان تي عمل

www.dawateislami.net

جي ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا جڏهن تہ هدف (Target) مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ بہ هي حضرات پنهنجي پاڻ کي عبادت ۽ رِياضت ۾ ئي مشغول رکندا هئا.

حَضرت سَيدُنا عامِر بن عبدِ قَيس رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي وقت جي عابدن مان سڀ کان افضل هئا. اُنهن پنهنجو پاڻ تي اها ڳالهہ لازم ڪئي هئي جو مان روزانو هڪ هزار نفل پڙهندس. پوءِ اهو اِشراق کان وٺي عصر تائين (ڏينهن جو اڪثر حصّو) نفلن ۾ مشغول رهندا هئا پوءِ جڏهن گهر ايندا هئا تہ انهن جو پنيون ۽ پير سجيل هوندا هئا، ايتري عبادت جي باوجود پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي عاجزي جو هي عالم هو جو پنهنجي نفس کي مخاطب ڪري چوندا هئا: ”اي بُرائين تي اُڀارڻ وارا نفس! تُون عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهين، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم ! مان ايترا نيڪ عمل ڪندس جو تو کي گهڙي ڪن لاءِ بہ سڪون ميسر نہ ٿيندو ۽ تُون بستر کان بلڪل پري رهندين، مان تو کي هر وَقت مصروفِ عمل رکندس. (عيون الحكايات، الحكاية السادسة والسبعون، ص٩٧)

مِری زِندگی بس تِری بندگی میں
ہی اے کاش گزرے سدا یا اِلٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## زندگي جو ڀروسو ناهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً زندگي جو ڪو ڀروسو ناهي تہ ساهہ جي اها لڙي خبر ناهي ڪڏهن ٽٽي وڃي،خدانخواستہ اسان کي گناهن کان توبہ جو وَقت بہ نہ ملي سگهي ۽ اسان جي آخرت برباد ٿي وڃي،اللّٰه تبارڪ وتعالیٰ اسان کي بُري موت کان بچائي، خاتمو بالخير ايمان تي عافيت سان گڏ نصيب ٿئي، اسان کي پنهنجي آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ نيڪ

www.dawateislami.net

عمل ڪرڻ جو هدف بڻائڻ گهرجي تہ جيئن نيڪ عملن تي استقامت حاصل ٿي سگهي. ان جو آسان طريقو هي آهي تہ سنين سنين نيتن سان مدني انعامات تي عمل ۽ روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رسالو ڀريو.

اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني انعامات روزانو نيڪيون ڪمائڻ جو اهو عظيم مدني نسخو آهي جو جنهن جي ذريعي صبح کان وٺي رات سمهڻ تائين نيڪيون ڪرڻ جا ڪافي موقعا ملن ٿا، مثال طور صداءِ مدينہ لڳائڻ يعني صبح نمازِ فجر کان پهريان مُسلمانن کي نماز جي لاءِ جڳائڻ، فجر کان پوءِ مدني حلقي ۾ 3 آيتون ترجمي ۽ تفسير سان تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ، اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهڻ، پنج ئي نمازون باجماعت پهرين صف ۾ تڪبيرِ اُوليٰ سان ادا ڪرڻ، نمازِ پنجگانہ کان پوءِ ۽ سمهڻ وقت گهٽ مان گهٽ هڪ هڪ ڀيرو آيۃُ الْڪرسي، سوره اِخلاص ۽ تسبيحِ فاطمہ پڙهڻ، رات ۾ سوره مُلڪ پڙهڻ يا ٻڌڻ، مدني درس (درسِ فيضانِ سُنّت وغيره) ڏيڻ يا ٻڌڻ جي سعادت ماڻڻ، عشاء جي نماز کان بعد يا ڪنهن بہ مناسب وقت مدرسۃ المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ. هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ۽ مدني دوره جي علاوه بين ڪيئي مدني انعامات تي عمل جي ذريعي ثواب جو تمام گهڻو خزانو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي اخلاص ۽ استقامت سان عبادت ۽ تلاوت جي سعادت نصيب فرمائي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر عاشقِ صادِق جي اها تمنا هوندي آهي تہ ڪاش ان جو نڪاڻو ئي مدينہ طيبہ بڻجي وڃي، اتي زندگي جا باقي ڏينهن گذرن، ۽

www.dawateislami.net

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن ۾ ئي جيئڻ ۽ مرڻ نصيب ٿئي، انهن خوش نصيبن ۾ هڪ سيدي **قُطبِ مدينہ ضياءُ الدّين احمد مدني** رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه بہ آهن، اچو! سندن سيرتِ مبارڪ بابت مختصر ٻڌون ٿا.

## سيدي قطبِ مدينہ جو مختصر تعارف

حُضُورسيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو نالو **ضِياءُالدين احمد** آهي، پاڻ فرمائن ٿا تہ منهنجو پيدائشي نالو ”**احمد مختار**“ آهي، منهنجي ڏاڏي حضرت شيخ قُطبُ الدين قادري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه بعد ۾ منهنجو نالو ’’**ضِياءُ الدّين**‘‘ رکيو هو، پاڻ سومر جي ڏينهن ربيعُ الاوّل 1294ھ ۾ بمقام قصبہ ڪلاس والا، ضلعي سيالڪوٽ (دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ سيالڪوٽ کي ضياء الدين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي نسبت سان "ضياءڪوٽ" چون ٿا) ۾ پيدا ٿيا. (سيدي ضياء الدين احمد القادري، ١/١٦۴ملخصاً بتقدم وتاخر)

## ابتدائي تعليم!

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه اِبتِدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي سائين وٽان حاصِل ڪئي، پوءِ ضِياء ڪوٽ (سيالڪوٽ) جي مشهور عالِم و عارِف حَضرت علّامہ مَولانا محمد حُسَين نقشبندي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه وٽ پڙهيا، ان ڪان پوءِ مرڪزُ الأولياء (لاهور) ويا ۽ اتي جي وڏن وڏن عالم سڳورن وٽان تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ مشهور محدّث ۽ عالِمِ دين حضرتِ علّامہ وصي احمد مُحَدّثِ سُورتي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي درس ۾ شامل ٿي ويا ۽ تقريباً چار (4) سالن تائيَن انهن وٽان تعليم حاصِل ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو. (سيدي ضياء الدين احمد القادري، ١/ ١٦٧ملخصاً)

## وصالِ پُرملال ۽ تدفين:

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه 1327ھ جو بغدادِ معليٰ کان مدينہ منوره حاضر ٿيا ۽ تقريباً 75سال پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي اتي قيام جو شرف مليو ۽ 60 ڀيرا حج جي سعادت نصيب ٿي. (سيدي قطبِ مدينه ص٨، انوارِقطب مدينه، ص307) ايستائين جو 4 ذوالحجة الحرام

www.dawateislami.net

1401ھ بمطابق 81-10-2 جمعي جي ڏينهن مسجد النبوي الشريف عَلٰی صَاحِبِهَاالصَّلٰوۃُ وَ السَّلَام جي مؤذن ”الله اکبر الله اکبر“ چيو ۽ سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪلمو شريف پڙهيو ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو روح قفسِ عنصري (خاڪي جسم) مان پرواز ڪري ويو. بعدِ غُسل شريف ڪفن وچائي سرِ اقدس جي هيٺ سرڪارِ مدينہ صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حجره مَقصُوره شريف جي خاڪ مُبارَڪ رکي وئي، سرڪارِ انور صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبرِ انور جو غسّالہ شريف ۽ مُختلِف تبرڪات رکيا ويا. پوءِ ڪفن شريف بند ڪيو ويو. بعدِ نمازِ عصر دُرُود وسلام ۽ قصيده برده شريف جي گونج ۾ جنازو مُبارَڪ کنيو ويو. سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي جنت البقيع ۾ سيدة النسا فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي مزارِ پر اَنوار کان صرف ٻن گزن جي فاصلي تي سپردِ خاڪ ڪيو ويو. (سيدي قطبِ مدينه، ص١٧) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عشره ذُوالْحِجَّةِ الْحَرَام جون فضيلتون:

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪيون ڪمائڻ جو هڪ بهترين موقعو اچي ويو آهي، جي ها! ذُوالْحِجَّةِ الْحَرَام جو بابرڪت مهينو شروع ٿي چڪو آهي. هن مبارڪ مهيني جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي جو احاديثِ مُبارَڪ جي مطابِق ذُوالْحِجَّةِالْحرام جو پهريون عَشَره رَمَضانُ المُبارَڪ کان بعد سيني ڏينهن کان افضل آهي. اچو! نيڪين جو حرص پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي عبادت ۾ مشغول رکڻ جي لاءِ ذُوالْحِجَّةِ الْحَرَام جي ابتدائي 10 ڏينهن جي فضيلتن تي مشتمل 4 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

www.dawateislami.net

.1 ارشاد فرمايائون: الله عَزَّ وَجَلَّ جي ويجھو حج جي انھن 10 ڏينھن کان افضل ۽ پسنديده ڪو ڏينھن نہ آھي تنھنڪري انھن ڏينھن ۾ تھليل (لَآاِلٰہ اِلَّااللّٰہُ) ۽ تڪبير (اَللّٰہُ اَکۡبَرُ ) جي ڪثرت ڪريو.“ چوتہ اھي تھليل، تڪبير ۽ ذِڪرُ الله جا ڏينھن آھن. ( شعب الايمان ،باب في الصيام، فصل تخصيص ايام العشر۔۔الخ،ج۳، ص۳۵۶ ،حديث:۳۷۵۸)

2. ارشاد فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ کي عَشَرَہ ذُوالْحجَّه کان وڌيڪ ڪنھن ڏينھن ۾ پنھنجي عِبادت ڪرڻ پسنديده ناھي، ان جي ھر ڏينھن جو روزو ھڪ سال جي روزن ۽ ھر رات جو قِيام شبِ قدر جي برابر آھي. (ترمذي ج ۲ص ۱۹۲ حديث ۷۵۸)

3. ارشاد فرمايائون: مون کي الله عَزَّوَجَلَّ تي گُمان آھي تہ عَرَفہ (يعني 9 ذوالحجَّة الحرام) جو روزو ھڪ سال اڳ ۽ ھڪ سال بعد جي گُناھن کي مِٽائيندو آھي. ( مُسلم ص۵۹۰حديث۱۹۶)

4. ارشاد فرمايائون: عَرَفہ (يعني 9 ذوالحجَّة الحرام) جو روزو ھزار روزن جي برابر آھي. (شُعَبُ الايمان ج۳ ص۳۵۷حديث۳۷۶۴) پر حج ڪرڻ واري تي جيڪو عَرَفات ۾ آھي ان کي عَرَفہ(يعني 9 ذوالحجَّةِ الحرام) جي ڏينھن روزو مڪروه آھي، جيئن

حضرت سَيدُنا اِبنِ خُزَيمہرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْه حضرتِ سَيدُنا ابوھريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْه کان راوي آھن تہ حُضُورپُر نُور،شافِع يومُ النُّشُور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن عَرَفہ جي ڏينھن (يعني 9 ذوالحجَّةِ الحرام جي ڏينھن حاجي کي) عَرفات ۾ روزو رکڻ کان مَنع فرمايو. (ابن خُزيمه،۲۹۲/۳،حديث :۲۱۰۱)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان "حج جون فضيلتون" پڙھيون. مثال طور ♣ حج

www.dawateislami.net

ڪرڻ وارو پنهنجي گهر وارن مان 400 جي شفاعت ڪندو. ♣ حج ڪرڻ وارن جا گناهه بخشيا ويندا آهن. ♣ حج ڪرڻ واري کي رب عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا نصيب ٿيندي آهي. ♣ حج ڪرڻ وارو جيڪڏهن واٽ ۾ مري وڃي، ان جي لاءِ قيامت تائين حج جو ثواب لکيو ويندو آهي. ♣ حاجي جي لاءِ ڪيتري عظيم خوشخبري آهي جو جنهن بيتُ الله جو حج ڪيو يا عُمرو ڪيو ته هو الله عَزَّوَجَلَّ جي ذِمّه ڪرم تي آهي، لهٰذا جيڪڏهن هو مري ويو ته الله تعاليٰ ان کي جنَّت ۾ داخل ڪندو ۽ جيڪڏهن هو (سلامتي سان) پنهنجي گهر ڏانهن موٽي آيو ته اجر ۽ غنيمت سان موٽندو. ♣ جيڪو حاجي، غازي يا عُمرو ڪرڻ وارو ٽي نڪتو پوءِ واٽ ۾ ئي فوت ٿي ويو، ته الله تعاليٰ ان جي لاءِ به قيامت تائين غازي، حاجي ۽ عُمرو ڪرڻ واري جو ثواب لکندو آهي. ♣ جيڪو ان راهه ۾ حج يا عمري جي لاءِ نڪتو ۽ مري ويو ان جي پيشي نه ٿيندي، نه ئي حساب ٿيندو ۽ ان کي چيو ويندو ته"**جنَّت ۾ داخل ٿي وڃ**".

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي به بار بار **حج بيت الله** جي سعادت نصيب فرمائي، حَرَمَينِ طَيبَين جي باادب حاضري نصيب ٿئي، جيڪو خوش نصيب هن سال حج جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن، الله تبارڪ وتعاليٰ انهن جو **خرچ ڪرڻ، انهن جو سفرڪرڻ ۽ انهن جو حج** پنهنجي پاڪ بارگاهه ۾ قبول فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو** !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت،

www.dawateislami.net

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

ڪاش !نیکی کی دعوت میں دوں جا بجا سنتیں عام کرتا رہوں جا بجا

## عمامو ٻڌڻ جون سُنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً نبي ڪريم،رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنّتن تي پابندي سان عمل ڪرڻ سان اسان پنهنجي زندگي جي اخلاقي، روحاني ۽ معاشي بلڪ هر معاملي ۾ بلند ۽ بالا مقام حاصل ڪري سگهون ٿا ڇوتہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون پياريون پياريون سنّتون، ۽سندن جو اندازِ زندگي تمام مسلمانن جي لاءِ نجات ۽ بخشش جو سبب آهي. انهن پيارين سُنّتن مان هڪ سنت عمامو شريف ٻڌڻ بہ آهي، جي ها! اسان جي پياري آقامديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نهايت ئي پياري سنّت آهي. اچو عمامي شريف جون ڪجهہ سنتون ۽ آداب ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا. ❀حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: عماما عرب جا تاج آهن عمامو ٻڌو توهان جي بُردباري (قوتِ برداشت) ۾ اضافو ٿيندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وَر تي هڪ نيڪي عطا ٿيندي آهي ۽ جڏهن (ٻيهر پائڻ جي ارادي سان) لاهي تہ هر پيچ کولڻ تي هڪ گناه مٽايو ويندو.(2) ❀عمامو شريف ٻڌڻ سنن زوائد(يعني سنّتِ غير مُؤَڪده) مان آهي ۽ سنن زوائد جو حڪم مستحب وارو هوندو آهي. لهٰذا عمامو ٻڌڻ وارو ثواب جو حقدار آهي ۽ نہ ٻڌي تہ گنهگار

---

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

2... كنز العمال ، كتاب المعيشة...الخ،فرع فى العمائم،الجز :١٥، ١٣٣/٨، حديث:٤١١٣٨

www.dawateislami.net

ناهي. البت عاشقن جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تہ هي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنّتِ مبارڪ آهي.[3] ❀ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز ڪان گهٽ نہ هجي ۽ نہ ڇهہ گز ڪان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي.[4] عمامي جي ويڪر نصف هٿ تائين هئڻ گهرجي يا ان ڪان ڪجهہ گهٽ يا وڌيڪ، هن گهٽ وڌ ۾ ڪو حرج ناهي.[5] ❀عمامو ٻڌڻ ۾ بين سنّتن جو بہ اِلتِزام ڪيو وڃي جيئن ساڄي پاسي ڪان شروع ڪرڻ، بسم الله پڙهڻ، لباس جي دعا پڙهڻ ۽ عمامي جي متعلقہ سنّتن مثلاً شملو ڇڏڻ ۽ ست هٿ يا ان جي برابر هئڻ ❀ مسجد ۾ هجون يا گهر ۾ هر هنڌ عمامو شريف بيهي ڪري ٻڌڻ گهرجي، بلاعذرِ شرعي ويهي عمامو نہ ٻڌڻ گهرجي ڇوتہ عمامو ويهي ٻڌڻ ۾ نقصان ئي نقصان آهي. جيئن حديث ۾ آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌو يا بيهي ڪري شلوار پاتي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي مصيبت ۾ مبتلا ڪندو جنهن جي ڪا دوا ناهي.[6] ❀سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا منهنجي اُمت هميشہ فِطرت تي رهندي جيستائين هي ٽوپين تي عمامو ٻڌندا.[7]

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دے گا سِکھا مَدَنی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عمامہ سجا لے نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

3... عمامہ کے فضائل،ص۴۹
4... فتاویٰ رضویہ، ۱۸۶/۲۲
5... کشف الالتباس...الخ،ذکر عمامہ ، ص۳۸
6... کشف الالتباس...الخ، ذکر شملہ، ص ۳۹
7... کنز العمال،کتاب المعیشة...الخ،فرع فی العمائم، الجز :۱۵، ۱۳۳/۸، حدیث: ۴۱۱۴۰

www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[8]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[9]

---

[8] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[9] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(10)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(11)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم ڪي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(12)

---

[10]…القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[11]…افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[12]…القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[13]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[14]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[13] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[14] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net